# بُري صحبت جو وبال

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو سُنّتن ڀريو بيان

( اسلامي ڀينرن جي لاءِ )

26-October-2017

**مبلغ بيان ڪرڻ کان پهريان گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا پڙهي وٺي.**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# بُري صحبت جو وبال

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## دُرُودِ پاڪ جي فضيلت

**سرڪارِ مدينه، قرارِ قلب وسينه** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو فرمانِ عاليشان آهي:** اَوْلَى النَّاسِ بِيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ اَكْثَرُهُمْ عَلَيَّ صَلَاةً **يعني قِيامَت جي ڏينهن ماڻهن ۾ سڀ کان گهڻو منهنجي ويجهو اهو شخص هوندو، جيڪو سڀ کان وڌيڪ مون تي دُرُود شريف پڙهندو هوندو.** (ترمذي،ڪتاب الوتر،باب ماجاء في فضل الصلاة...الخ،۲/ ۲۷، حديث:۴۸۴)

چارهٔ بے چارگاں پر ہوں دُرودیں صدہزار بے کسوں کے حامی و غمخوار پر لاکھوں سَلام

**مختصر وضاحت: اميرِ اهلسنت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **جي ڪتاب "وسائلِ بخشش" جي شعر جي معنيٰ هي آهي ته بي ڪسن ۽ مجبورن جي مددگار آقا** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **تي هزارين دُرُود هجن ۽ بي سهارن ۽ مددگارن جي حمايت ۽ انهن سان همدردي ڪرڻ واري آقا** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **تي لکين سلام هجن.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿيون. فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" **يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.**

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:**(1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين اسلامي ڀينرن جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ڇڙٻ ڏيڻ ۽ اُلجڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ پست آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس. دورانِ بيان موبائل جي غير ضروري استعمال کان بچندس، نہ بيان ريڪارڊ ڪندس نہ ئي ٻئي ڪنهن قسم جو آواز ڇو تہ ان جي اجازت ناهي، جيڪو ڪجھ ٻڌندس، ان کي ٻڌي ۽ سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان کان پوءِ ٻين تائين پهچائي ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندس.

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بُري صحبت جوانجام

شيخ طريقت،اميرِ اَهلسُنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مَولانا ابُو بلال محمّد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي مايہ ناز تصنيف ”نيڪي جي دعوت“ جي صفحي نمبر290 تي فرمائن ٿا: پنجاب (پاڪستان) جي هڪ علائقي ۾ هڪ عجيب و غريب بدبو (Bad-smell) محسوس ٿيڻ لڳي، علائقي وارن جي گهڻي ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ بدبو جونشان مليو، اها بدبو هڪ بند گهر مان اچي رهي هئي، تنهنڪري پوليس کي اطلاع ڏنو ويو، پوليس وارا ماڻهن جي موجودگي ۾ تالو ٽوڙي گهر ۾ داخل ٿيا تہ هي

www.dawateislami.net

ڏسي سڀ حيران ٿي ويا تہ اتي هڪ کٽ تي هڪ جوان شخص جو لاش پيو آهي ۽ ان جا ڪجھ حصا ڳري چڪا آهن ۽ ان ۾ ڪيڙا هلي رهيا آهن، هي منظر ڏسي ٻارن سميت ڪئي ماڻهو بيهوش ٿي ويا، تحقيق ڪرڻ تي خبر پئي تہ هي نوجوان محنت مزدوري ڪرڻ جي لاءِ ان علائقي ۾ آيل هو، ڪرائي جي جڳھ ۾ رهندو هو ۽ ڪجھ جوارين سان ان جي دوستي هئي، هڪ ڏينهن هي نوجوان پنهنجي دوستن کان جوا ۾ تمام گهڻي رقم کٽي ويو، هارائي ويل جواري دوستن رقم ان کان ڦرڻ جي لاءِ هن جي ڳچي ۾ رسو وجهي ۽ بجلي جا ڪرنٽ هڻي ڪري ان کي ماري وڌو، پوءِ ان کي بنا ڪفن دفن جي تالو لڳائي فرار ٿي ويا. (نيڪي جي دعوت ، ص۲۹۰)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ٻڌو اوهان تہ بُري صحبت (Company) ۾ اُٿڻ ويهڻ ڪيتري قدر هلاڪت ۽ بربادي جو سبب ۽ بُري صحبت ۾ رهڻ جو ڪيتري قدر خطرناڪ اَنجام ٿيندو آهي. بيشڪ بُري صحبت انسان کي برباد ڪندي آهي، بُرن جي صحبت ۾ ويهڻ ڄڻ تہ آفتن، بلائن ۽ مصيبتن جي دروازي کي کوليندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن اهي ئي خراب دوست پنهنجي فائدي خاطر پنهنجن ئي ساٿين جا جاني دشمن بڻجي انهن کان جيئڻ جو حق کسي وٺندا آهن ۽ انتهائي اذيت کان پوءِ موت جي وادي ۾ اڇلائيندا آهن ۽ اهڙي طرح خراب دوستن جي صحبت ۾ رهڻ وارا معاشري ۾ عبرت جو نشان بڻجي ويندا آهن. هيٺنر اسان جوارين جي صحبت ۾ رهڻ واري شخص جي عبرت ناڪ موت جي حڪايت ٻُڌي، اسان کي گهرجي تہ اسان برين دوستين خاص ڪري جُوا جي عادت ۾مبتلا خواتين جي بُري صحبت کان پري رهون، ڇوتہ جُوا جي آفت جي سبب کان دولت لُٽائڻ سان گڏوگڏ گهڻن نُقصانن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي جيئن تہ

## جُوا جا دنيوي نقصان

تفسير صِراطُ الجنان جلد 3 صفحي 24 تي آهي: (1) جُوا جي ڪري جوارين ۾

www.dawateislami.net

بُغض، عداوت ۽ دشمني پيدا ٿي ويندي آهي ۽ ڪڏهن تہ قتل ۽ لڙائيءَ تائين معاملو پهچي ويندو آهي (2) جُوا ڪيڏڻ سبب مالدار انسان ڪجھ گهڙين ۾ غُربت ۽ مفلسي جو شڪار ٿي ويندو آهي، خُوشحال گهر بدحالي جو نظارو پيش ڪرڻ لڳندو آهي، چڱو خوشحال ماڻهو پڻ ڪائڻ پيئڻ تائين جو محتاج ٿي ويندو آهي، معاشري ۾ ان جو نهيل وقار ختم ٿي ويندو آهي ۽ سماج ۾ ان جي ڪا قدرءِ قيمت ۽ عزّت باقي ناهي رهندي. (3) جُواري نفعي جي لالچ ۾ گهڻو قرض وٺڻ ۽ ڪڏهن ڪڏهن وياج تي قرض وٺڻ تي بہ مجبور ٿي ويندو آهي ۽ جڏهن هو قرض ادا ناهي ڪري سگهندو يا ان کي قرض ناهي ملندو تہ هو ڌاڙو ۽ چوري وغيره ۾ مبُتلا ٿي ويندو آهي، ايستائين جو جُواري هر پاسي کان مصيبتن ۾ ايترو ڦاسي ويندو آهي جو آخرڪار هو خود ڪشي ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندو آهي. (صراط الجنان،۳/۲۴)

اچو! جُوا جي مذمت (برائي) تي مشتمل 2 فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پڙهو ۽ عبرت حاصل ڪريو.

1. ارشاد فرمايائون: جنهن نَرۡدَ شِيَر (جُوا واري هڪ راند) ڪيڏي تہ ڄڻ ان پنهنجو هٿ خنزير(سوئر) جي گوشت ۽ رت ۾ ٻوڙي ڇڏيو. (مسلم، ڪتاب الشعر، باب تحريم اللعب بالنردشير، ص۹۵۵، حديث: ۲۲٦۰)

2. ارشاد فرمايائون: جيڪو شخص نَرد ڪيڏندو آهي پوءِ نماز پڙهڻ لاءِ ويهندو آهي، ان جو مثال ان شخص وانگر آهي جيڪو پونءَ ۽ سُوئر جي رت مان وضو ڪري نماز پڙهڻ لاءِ ويهندو آهي. (مسند امام احمد،احاديث رجال من اصحاب النبي، ۹/۵۰، حديث: ۲۳۱۹۹)

اللہ عَزَّوَجَلَّ اسان کي جُوي جي آفت کان پري رهڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ دعوتِ اسلامي سان وابستہ اسلامي ڀينرن جي صُحبت ۾ رهي پنهنجي زندگي نيڪين ۾ گزارڻ جي سعادت نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** مشهور (اُردو) چوڻي آهي تہ خربوزے کو دیکھ کر خربوزہ رنگ پکڑتا ہے. بس صحبت جو بہ ڪجھ اهڙو ئي اثر هوندو آهي جو جهڙي صحبت تهڙو اثر چاڪاڻ تہ اَلصُّحبَۃُ مُؤَثِّرَۃٌ يعني صحبت پنهنجو اثر رکي ٿي. جنهن خوش نصيب کي چڱي صحبت نصيب ٿئي تہ ان جي قسمت کُلي پوندي ڇوتہ چڱي صُحبت جي برڪت سان ان جي اندر بہ چڱيون عادتون ظاهر ٿيڻ لڳنديون آهن ۽ بُرين عادتن کان ڇُوٽڪارو ملندو آهي، عمل جو جذبو نصيب ٿيندو آهي ۽ مُعاشري ۾ ان کي هڪ مُنفرد مقام حاصل ٿي ويندو آهي، پر بد قسمتي سان جيڪڏهن ڪنهن کي مَعَاذَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ بُري صحبت ملي وئي تہ ائين سمجهو تہ ان جي تباهي جا ڏينهن شروع ٿي ويا، ڇوتہ بُري صحبت جا اثر گهڻا تباهہ ڪرڻ وارا هوندا آهن، نيڪ سيرت ۽ سڌي سادي اسلامي ڀيڻ کي بُري صحبت بُلندي کان هيناهين جي گهري کڏ ۾ ڪرائيندي آهي، بُرائين ۾ اضافي ۽ مُعاشري جي تباهي ۽ بربادي ۾ بُرن دوستن جو ئي ڪردار هوندو آهي، انهن ۾ اُٿڻ ويهڻ واريون بہ هڪ ڏينهن انهن جي رنگ ۾ رنگجي وينديون آهي ۽ مُعاشري جي بگاڙڻ جو سبب بڻجي وينديون آهي.

## ڪنهن سان دوستي ڪرڻ گهرجي ڪنهن سان نہ؟

امير المومنين حضرت سَيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ **فرمائن ٿا:** اهڙي شيءِ ۾ نہ پئو جيڪا توهان لاءِ مُفيد نہ هجي ۽ دشمن کان الڳ رهو ۽ دوست کان بچندا رهو پر جڏهن تہ هو امين هجي ڇو تہ امين جي برابر ڪو ناهي ۽ فاجر (گنهگار) سان گڏ نہ رهو ڇوتہ هو توهان کي فجور (گناهہ) سيکاريندو ۽ ان جي اڳيان راز جي ڳالھ نہ ڇئو ۽ پنهنجي ڪم ۾ انهن کان مشورو وٺو جيڪي اللہ عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄن ٿا. (شعب الايمان،باب في حفظ اللسان،فصل في فضل السكوت عمالايعنيه،۴/ ۲۵۷، حديث: ۴۹۹۵)

امير المومنين حضرت سَيدُنا مولا علي مشڪل ڪشا ڪَرَّمَ اللہُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمائن ٿا: فاجر (سر عام گناهہ ڪندڙ) سان برادري نہ ڪيو ڇوتہ هو پنهنجي فعل کي

www.dawateislami.net

توهان لاءِ مُزَين (سينگاري) ڪندو ۽ هي چاهيندو تہ توهان بہ ان جهڙا ٿي وڃو۽ پنهنجي بدترين خصلت کي چڱو ڪري ڏيکاريندو، توهان وٽ ان جو اچڻ وڃڻ عيب ۽ ننگ (شرم جو سبب) آهي ۽ پاڳل کان بہ پائيچارو نہ ڪريو ڇوتہ هو پنهنجو پاڻ کي تڪليف ۾ وجهندو ۽ توهان کي بہ ڪجھ نفعو نہ پهچائيندو ۽ ڪڏهن هي ٿي سگهي ٿو تہ توهان کي نفعو پهچائڻ چاهيندو پر نقصان(Loss) پهچائي ڇڏيندو، ان جي خاموشي ڳالهائڻ کان بهتر آهي، ان جو پري هئڻ ويجهو هئڻ کان بهتر آهي ۽ (ان جو) موت زندگي کان بهتر. ڪذّاب (ڪوڙي شخص) کان بہ پائيپي نہ ڪيو ڇوتہ ان سان اٿڻ ويهڻ توهان کي نفعو نہ ڏيندي، توهان جي ڳالھ ٻين تائين پهچائيندو ۽ ٻين جي توهان وٽ آڻيندو ۽ جيڪڏهن توهان سچ ڳالهائيندو، تڏهن بہ هو سچ نہ ڳالهائيندو. (تاريخ ابن عساڪر،٣٢/٥١٦)

حضرت سيدُنا جعفر بن سليمان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مون هڪ ڪتّي کي حضرت سيدُنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي پويان پويان هلندي ڏٺو تہ چيم: اي ابويحييٰ! اوهان سان گڏ هي؟ فرمايائون: هي (ڪتو) بُري ساٿين کان بهتر آهي. (معجم اوسط، ١/١٩٢،حديث:٦٤١)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ٻڌو اوهان تہ بُري صحبت دنيا ۽ آخرت جي لاءِ ڪيتري قدر نقصان ڏيندڙ هوندو آهي. تنهنڪري عافيت انهيءَ ۾ آهي تہ اسان بُري صحبت کان بہ پري رهون ڇوتہ ڪتي ائين نہ ٿئي جو بُري صحبت ۾ رهڻ سبب ماڻهو اسان جي باري ۾ بہ طرح طرح جون ڳالهيون ڪن ۽ اسان کي بہ بُرن لقبن کان پُڪارين. اچو! بُري صحبت جي هلاڪت ڪرڻ کان بچڻ جي لاءِ ان جي مذمت تي مشتمل 4 فرامينِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌون ٿا ان مان حاصل ٿيڻ وارا نصيحت جا مدني گل چونديون ٿا۔

1. ارشاد فرمايائون: بُري ساٿي کان بچو ڇوتہ هو جهنّم جو هڪ ٽڪرو آهي، ان جي مَحَبَّت توهان کي فائدو نہ پهچائيندي ۽ هو توهان کان پنهنجو واعدو پورو نہ ڪندو. (فردوس الاخبار،١/٢٢٣، حديث:١٥٨٣)

www.dawateislami.net

2. ارشاد فرمايائون: بُري هم نشين کان بچو ڇوته ان سان ڳُڌ سڃاتا ويندؤ.
(تاريخ ابن عساکر، الحسين بن جعفر بن محمد بن حمدان...الخ،۳۶/۱۴)

3. ارشاد فرمايائون: صبح هن حال ۾ ڪريو جو توهان عالِم هجو يا مُتَعلِّم (طالبِ علم) (Student) يا عالم جون ڳالهيون ٻڌندڙ، يا عالم سان مَحَبَّت ڪرڻ وارا ۽ پنجو (5) نه ٿجو ڇو ته هلاڪ ٿي ويندوء. (ڪشف الخفاء، حديث:۴۳۷، ۱۳۴/۱)

4. ارشاد فرمايائون: چڱي ۽ بُري ساٿي جي مثال مُشڪ کڻڻ ۽ ڀٺي(ڪورو) دخائڻ واري جيان آهي، مشڪ وارو توکي ايئن ئي ڏيندو يا تون ان کان خريد ڪندي ٻيو ڪجهه نه ته توکي ان مان چڱي خوشبوته ايندي، جڏهن ته ڀٺي (ڪورو) دخائڻ وارو يا تنهنجا ڪپڙا ساڙيندو يا توکي ان مان بدبوء ايندي. (بخاري، ڪتاب البيوع، باب في العطار وبيع المسک، ۲۰/۲، الحديث: ۲۱۰۱)

حڪيم الامت مُفتي احمد يار خان نعيميرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بيان ڪيل حديثِ پاڪ جي شرح ڪندي فرمائن ٿا: سُبْحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! ڪهڙو پاڪيزه مثال آهي جنهن جي ذريعي سمجهايو ويو آهي ته بُرن جي صحبت فائدو ۽ چڱن جي صحبت نُقصان ڪڏهن نٿي ڏئي سگهي، ڀٺي واري وٽان مُشڪ نه ملندي گرمي ۽ دُونهو ئي ملندو، مُشڪ واري وٽان نه گرمي ملندي نه دونهو مُشڪ يا خوشبو ئي ملندي. (حديثِ پاڪ جي هن حصي ”مشڪ وارويا ته توکي ائين ڏيندو يا تون ان کان خريد ڪندي ٻيو ڪجهه نه ته توکي ان مان چڱي خوشبو ته ايندي“ جي شرح ۾ مفتي صاحب فرمائن ٿا:) هي اَدنيٰ نفعي جو ذڪر آهي، مشڪ خريدڻ يا ان جو مُفت ئي ڏيڻ اعليٰ نفعو آهي جنهن سان هميشه فائدو پهچندو رهندو ۽ صرف خوشبو ماڻڻ اَدنيٰ نفعو آهي. خيال رهي ته ابُوجهل وغيره دشمنانِ رسول، حضور(صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) وٽ حاضر ٿيا ئي نه، اتي حاضري مَحَبَّت سان حاصل ٿيندي آهي.(حديثِ پاڪ جي هن حصي ”۽ ٻيو تنهنجا ڪپڙا ساڙيندو يا توکي ان مان بدبوءَ ايندي“ جي

www.dawateislami.net

وضاحت ۾ مفتي صاحب فرمائن ٿا:) هن فرمان جو مقصد هي آهي ته حتَّي الامڪان بُري صحبت کان بچو جو هي دِين ۽ دنيا برباد ڪندي آهي ۽ چڱي صحبت اختيار ڪريو ڇوته ان سان دِين ۽ دُنيا سنورجي ويندا آهن. نانگ جي صحبت جان ڪسيندي آهي، بُري يار جي صحبت ايمان برباد ڪندي آهي. (مرآة المناجيح،٦ /٥٩١)

يعني چڱي جي صحبت عطار (يعني عِطر ڪپائڻ) جي دڪان جيان آهي جو جتان ماڻهو ڪجهه به نه خريد ڪري پر خوشبو اچي ئي ويندي آهي ۽ بُري ماڻهو جي صحبت لوهار جي دڪان جيان آهي، جتان جيترو به پنهنجي ڪپڙن کي بچائجي، چڻنگون ان تائين پهچنديون ئي آهن.

## بُري صحبت بربادي ايمان جو سبب آهي

حضرت سَيدُنا علامہ محمد بن احمد ذَهبي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ شخص شرابين جي صُحبت ۾ ويهندو هو، جڏهن ان جي موت جو وقت ويجهو آيو ته ڪنهن ڪلمي شريف جي تلقين ڪئي ته چوڻ لڳو: توهان به پيو ۽ مون کي به پياريو. مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ بِغير ڪلِمو پڙهڻ جي مري ويو (جڏهن شرابين جي صُحبت جو هي حال آهي ته شراب پيئڻ جو ڇا وَبال هوندو!) هڪ شطرنج ڪيڏندڙ کي مرڻ وقت ڪلِمي شريف جي تلقين ڪئي وئي ته چوڻ لڳو: شاهَڪ (يعني تنهنجو بادشاه) هي چوڻ کان پوءِ ان جو ساهه نڪري ويو. (ڪتابُ الڪبائر،ص ١٠٣ ملخصاً)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! معلوم ٿيو ته چڱي صحبت اپنائڻ ۾ فائدو ئي فائدو آهي جڏهن ته بُرن جي صحبت اختيار ڪرڻ ۾ دِين ۽ دنيا جو سراسر نُقصان ئي نُقصان آهي ڇوته بُري صحبت انسان جي ايمان کي به برباد ڪندي آهي، عام طور ماڻهو، جان ڪسيندڙ، خوفناڪ ۽ زهريلي جانورن، ڪيڙن مڪوڙن ۽ وحشت ناڪ شين کان ڊڄندا آهن ۽ انهن کان بچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن ۽ پُرخطر (خطري واري) (Dangerous) هنڌن جي ويجهو کان به نه لنگهندا آهن، پر افسوس! جو هلاڪت ۽ بربادي سان ڀرپور بُري صحبتن کان جان ڇڏائڻ

www.dawateislami.net

انتهائي دُشوار محسوس ڪيو ويندو آهي، هاءِ! بُري صحبت جي نحوست اهڙي ڇانئجي وئي آهي جو عبادت ۾ دل ناهي لڳندي. ڪجھ اسلامي ڀينرن پنهنجن اڪثر ڪمن ۾ خوب غورءِ فڪر ڪرڻ ۽ پنهنجو فائدو ڏسڻ ڪان پوءِ ئي ڪو قدم کڻنديون آهن، پر ڪنهن جي صحبت اختيار ڪرڻ وقت هن ڳالھ جو ٿورو بہ خيال نہ ٿيون ڪن تہ اهو اسان جي حق ۾ فائدي مند ثابت ٿيندي بہ يا نہ. بهرحال ڪنهن ڪي دوست بڻائڻ ڪان اڳ ۾ 112 ڀيرا غور ڪرڻ ضروري آهي تہ جيئن بعد ۾ ڪنهن قسم جو افسوس نہ ٿئي، پياري پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عبرت نشان آهي: اَلْمَرْءُ عَلَى دِيْنِ خَلِيْلِهٖ فَلْيَنْظُرْ اَحَدُكُمْ مَنْ يُّخَالِطُ يعني انسان پنهنجي دوست جي دِين تي هوندو آهي ان ڪي هي ڏسڻ گھرجي تہ ڪنهن سان دوستي ڪري پيو. (مُسند احمد، ۳/ ۱۶۸ ،حديث: ۸۰۳۴)

حڪيمُ الاُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪنهن سان دوستي ڪرڻ ڪان اڳ ۾ ان ڪي جانچيو تہ اللّٰه (عَزَّ وَجَلَّ) (۽) رسول (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جومطيع( فرمانبردار) آهي يا نہ. ربّ تعاليٰ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَكُوْنُوْا مَعَ الصّٰدِقِيْنَ (۱۱۹) | **ترجموڪنزُالايمان:** ۽ سچن جِي صُحبت ۾ هُجو. |

(پ۱۱ ، التوبة: ۱۱۹)

صُوفي سڳورا (رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِين) فرمائن ٿا تہ انساني طبيعت (Nature) ۾ ”اَخذ“ يعني وٺڻ جي خاصيت آهي. حَريص جي صحبت ڪان حرص، زاهد جي صُحبت ڪان زُهد ۽ تقوٰي ملندو. ( مرآة المناجيح،۵۹۹/٦)

هو اَخلاق اچھا ہو کردار سُتھرا　　مجھے مُتّقِی تُو بنا یا اِلٰہی

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان ڪي ڪپي تہ دوستي جي مُعاملي ۾ هر ڪنهن تي اندو اعتماد نہ ڪريون ۽ نہ ئي ان جي صحبت ۾ ويهون جنهن جو دامن پهريان ئي مختلف قسم جي بُرائين سان داغ دار هجي، ڇوتہ طرح

www.dawateislami.net

طرح جي بُرائين ۾ مبتلا رهڻ وارين تي جڏهن بُرو وقت ايندو آهي ته انهن سان تعلق رکڻ واريون به کڏهن کڏهن انهن جي وڪڙ ۾ اچي وينديون آهن، اچو! هن ڳالهه کي سمجهڻ جي لاءِ هڪ حکايت ٻڌون ٿا.

## ڪُوئي ۽ ڏيڏر جي دوستي

شيخِ طريقت،اميرِ اَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه پنهنجي مايه ناز تصنيف ”نيڪي جي دعوت“ جي صفحي نمبر 381 تي فرمائن ٿا ته عارِف بِاللّٰه حضرت مولانا رُوم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بُري صُحبت جا نقصان سمجهائيندي فرمائن ٿا: اتفاق سان هڪ ندي جي ڪناري تي هڪ ڪوئي جي ڏيڏر سان ملاقات ٿي ۽ ٻنهي جي پاڻ ۾ دوستي ٿي وئي، ڪوئي چيو ته ڪڏهن ملڻ جي دل چاهي ته اوهان ته وڏي پاڻي (Depth) ۾ هوندا آيو جتي آواز به ناهي پهچندو ته اوهان کي خبر ڪيئن پوندي؟ آخر اهو طئي ٿيو ته هڪ ڌاڳو ڪوئي جي پير ۾ ۽ ان جو ٻيو سِرو (پاسو) ڏيڏر جي پير ۾ ٻڌو وڃي ته جيئن ضرورت پوڻ تي اطلاع ڏئي سگهجي، پوءِ ائين ڪيو ويو، هڪ ڏينهن اوچتو ڪانءُ ڪوئي کي جهٽ هڻي ان کي وات ۾ وجهي اُڏاميو ته ڏيڏر به ڌاڳي ۾ ٻڌل هئڻ جي ڪري ان سان گڏ ڇڪجي هوا ۾ هليو پئي ويو، ڏيڏر چيو ته هي ڪوئي جهڙي نالائق سان دوستي جي سزا آهي، خبر پئي ته نالائقن ۽ بري صحبتن جي ڪري گهڻيون آفتون اينديون آهن.

اے فغاں از یارِ ناجنس اے فغاں
ہمنشینِ نیک جُوئید اے مہاں

(فرياد آهي! ناجنس (يعني نالائق) دوست کان فرياد آهي، اي دوستو! نيڪ ساٿي تلاش ڪريو) (مثنوي،دفتر ششم۲۸۵،۲۶۷،۲۶۶بتغير)

## بد مذهبن جي صحبت زهرِ قاتل آهي

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! معلوم ٿيو ته بيوقوفن جي صحبت برباد

www.dawateislami.net

کندي آهي، ڪڏهن انهن جي نحوست ”هم تو ڈُوبے هيں صنم تم کو بهي لے ڈُوبيں گے“ جي مصداق ٻين کي ٻه بربادي جي گهري کاهي ۾ اڇلائيندیون آهن. ياد رهي! جهڙي طرح ٻين گناهن ۾ ملوث رهڻ وارين سان اُٿڻ ويهڻ هلاڪت جو سبب آهي، اهڙي طرح بدمذهبن سان ميل ميلاپ رکڻ، انهن جون تقريرون ٻڌڻ، ڪتاب پڙهن، انهن جي آڊيو (Audio) ٻڌڻ، ويڊيو (Video) ڏسڻ، يا ڪنهن ٻئي کي شئير (Share) ڪرڻ، انهن سان کائڻ پيئڻ يا رشتيداري قائم ڪرڻ ٻه ايمان جي لاءِ زهرِ قاتل ۽ دنيا ۽ آخرت جي شديد تباهي ۽ بربادي جو سبب آهي. افسوس! في زمانه بعض نادان ان سان تعلُّق قائم ڪن ٿيون ۽ اهو چوندي ٻڌون ويندیون آهن ته اسان کي ڪو نتو لوڏي سگهي، اسان گهڻا ئي مضبوط (Strong) آهيون، اسان انهن سان تَعلُّق ان ڪري قائم رکيو آهي ته جيئن انهن کي پاڻ جهڙو بڻايون، اهڙي طرح ڪجهه نادان گهر اهڙا ٻه آهن جيڪي صرف دنيا جي بهتر تعليم خاطر پنهنجن ٻارن کي بد مذهب اُستادين جي حوالي ڪندا آهن ۽ آخرڪار اهي ٻار وڏا ٿي بد مذهبي اختيار ڪنديون آهن. اهڙن ماڻهن کي گهرجي ته اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي هن ڪلام مان عبرت حاصل ڪن، جيئن اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: غير مذهب وارين (يا وارن) جي صُحبت باهه آهي، ذي علم، عاقِل بالغ مردن جا مذهب (به) انهيءَ ۾ بگڙجي ويا آهن. عمران بن حِطان رقاشي جو قصو مشهور آهي، هي تابعين جي زماني ۾ هڪ وڏو مُحَدِّث ٿي گذريو آهي، بد مذهب عورت جي صُحبت ۾ (رهي ڪري) معاذالله پاڻ بدمذهب ٿي ويو ۽ هي دعوىٰ ڪئي هئي ته (انهيءَ سان شادي ڪري) انهيءَ کي سُنّي ڪرڻ چاهيان ٿو. جڏهن صُحبت جي حالت ۾ (ايڏو وڏو مُحَدِّث گُمراهه ٿي ويو) ته (بدمذهب کي) اُستاد بڻائڻ ڪيتري قدر بَدتر آهي جو اُستاد جو اثر تمام عظيم ۽ گهڻو جلدي ٿيندو آهي، ته غير مذهب عورت (يا مرد) جي سِپُردگي يا شاگردي ۾ پنهنجي ٻچن کي اهو ئي ڏيندو جيڪو پاڻ دين سان واسطو نه ٿو رکي ۽ پنهنجي ٻارن جي بَد دين ٿيڻ جي پرواهه ناهي ڪندو. (صراط الجنان، ۷/۲۰)

www.dawateislami.net

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل تفسير صِراطُ الجنان ۾ آهي تہ بد مذهبن جي محفل ۾ وڃڻ ۽ انهن جي تقرير ٻڌڻ ناجائز ۽ حرام ۽ پنهنجي پاڻ کي بدمذهبي ۽ گمراهي تي پيش ڪرڻ وارو ڪم آهي. انهن جون تقريرون قرآني آيتن تي مشتمل هجن چاهي احاديثِ مُبارَڪہ تي، سنيون ڳالهيون گڏ ڪرڻ جو زُعم (گمان) رکي بہ انهن کي ٻڌڻ هر گز جائز ناهي. عين ممڪن بلڪ اڪثر طور تي واقع آهي تہ گمراهہ شخص پنهنجي تقرير ۾ قرآن ۽ حديث جي شرح ۽ وضاحت جي آڙ ۾ ضرور ڪجهہ ڳالهيون پنهنجي بد مذهبي جون بہ ملائيندا آهن ۽ قوي خدشو بلڪ واقع ٿيڻ جو مُشاهدو آهي تہ اهي ڳالهيون ٻڌڻ واري جي ذهن ۾ مظبوط ٿي دل ۾ سمائجي وينديون آهن. اهو ئي سبب آهي تہ گمراهہ ۽ بي دِين جي تقرير ۽ گفتگو ٻڌڻ وارو عام طور پاڻ بہ گمراہ ٿي ويندو آهي. اسان جا اَسلاف پنهنجي ايمان جي باري ۾ بيحد محتاط هوندا هئا، باوجود ان جي جو هي تہ عقيدي ۾ انتهائي مُتَصَلِّب (پڪا) هوندا هئا پوءِ بہ ڪنهن بدمذهب جي ڳالهہ ٻڌڻ هرگز پسند نہ ڪندا هئا، پلي ڪٽي ان کي هو سو ڀيرا يقين ڏياري تہ مان رڳو قرآن ۽ حديث بيان ڪندس.

## اڌ لفظ بہ نہ ٻڌو

اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه هن باري ۾ اسلاف جو عمل نقل ڪندي فرمائن ٿا: (حضرت) عبدالله بن عباس رَضِی اللهُ تَعَالٰی عَنۡهما جي شاگرد سَيدُنا سعيد بن جُبَير کي واٽ ۾ هڪ بد مذهب مليو. چيائين، ڪجهہ عرض ڪرڻ چاهيان ٿو. فرمايائون: مان ٻڌڻ نٿو چاهيان. عرض ڪيائين هڪ جملو. (پاڻ) پنهنجو اڱوٺو چيچ جي منڍ تي رکي فرمايائون: ”وَ لَا نِصۡفَ کَلِمَۃٍ“ (يعني) اڌ لفظ بہ نہ. ماڻهن عرض ڪيو، ان جو ڇا سبب آهي؟ فرمايائون: هي انهن مان آهن يعني گمراهن مان آهن.

## سَيدُنا امام ابنِ سيرين جي بد مذهبن سان نفرت

(اهڙي طرح) امام محمد بن سيرين رَحۡمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه وٽ بہ بد مذهب آيا. عرض

www.dawateislami.net

ڪيائون، ڪجهه ڪلامِ الله جون آيتون اوهان کي ٻڌايون! فرمايائون: مان نٿو ٻڌڻ چاهيان. عرض ڪيائون ڪجهه احاديثِ نبوي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌايون! فرمايائون، مان نٿو ٻڌڻ چاهيان. انهن زور پريو. فرمايائون: توهان ٻئي اٿي وڃو يا مان اٿان ٿو. نيٺ اهي مايوس ٿي موٽي ويا. ماڻهن عرض ڪيو: اي امام! ڇا حرج ٿئي ها جيڪڏهن اهي ڪجهه آيتون يا حديثون ٻڌائن ها؟ فرمايائون: مون خوف ڪيو ته اهي آيتن ۽ حديثن سان گڏ پنهنجي ڪجهه تاويل لڳائيندا ۽ هي منهنجي دل ۾ رهجي وڃي ته مان هلاڪ ٿي وڃان.

(اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هي واقعا نقل ڪرڻ کان بعد) وڌيڪ فرمايائون: آئمه (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن) کي ته هي خوف ۽ هاڻي عوام کي اها جُرئت آهي وَلَا حَوْلَ وَ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِالله. ڏسو! بچت جي راهه اها ئي آهي جيڪا توهان کي توهان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌائي، "اِيَاكُمْ وَ اِيَاهُمْ لَايُضِلُّوْنَكُمْ وَلَا يُفْتِنُوْنَكُمْ" انهن (بدمذهبن) کان پري رهو ۽ انهن کي پاڻ کان پري ڪيو، ڪٿي هو توهان کي گمراهه نه ڪن، ڪٿي هو توهان کي فتني ۾ نه وجهن. ڏسو! نجات جي واٽ اها ئي آهي جيڪا توهان جي رب عَزَّوَجَلَّ ٻڌائي:

وَاِمَّا يُنْسِيَنَّكَ الشَّيْطٰنُ فَلَا تَقْعُدْ بَعْدَ الذِّكْرٰى مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٦٨﴾ (پ 7 الانعام 68)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جيڪڏهن ڪٿي توکي شيطان وسارائي ته ياد اچڻ تي ظالمن سان گڏ نه ويهه.

پلجي انهن مان ڪنهن وٽ ويهي رهيا آهيو ته ياد اچڻ تي هڪدم اٿي وڃو. (فتاويٰ رضويه، ۱۵/۱۰۷،۱۰٦ ملخصاً)۔ (صراط الجنان ، ۳/۱۳۲)

## 8 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "مدرسة المدينہ بالغات"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان ته بُري صحبت پنهنجي اندر ڪيتري قدر تباهيون رکندي آهي وڏن وڏن کي راهه حق تان ڀٽڪائيندي آهي، تنهنڪري سمجهدار اسلامي ڀيڻ کي کپي ته هو دِيني ۽ دُنيوي عُلوم ۽ فنون جون ڊِگريون حاصل ڪرڻ ۽ انهن ۾ ماهر هئڻ جي باوجود به پنهنجي نفس تي اعتماد

(Trust) نہ ڪري ۽ هميشہ بدمذهبي ۽ برائين ۾ مبتلا خواتين جي صحبت ڪان پري پجي ۽ هميشہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحُول سان وابستہ اسلامي ڀينرن جي صحبت اپڻائي. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول عشقِ رسول جي دولت سان مالامال اسلامي ڀينرون جي صحبت حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو آهي، تنهنڪري اسان ڪي بہ هن مدني ماحول سان وابستہ ٿي ذيلي حلقي جي 8 مدني ڪمن ۾ مشغول رهڻ گهرجي. ذيلي حلقي جي 8 مَدَني ڪمن مان روزانو جو هڪ مَدَني ڪم "مدرسةُ المدينہ (بالغات)" ۾ پڙهڻ يا پڙهائڻ بہ آهي. دنيا جي مختلف ملڪن ۾ اسلامي ڀينرن جي لاءِ گهرن جي اندر تقريبًا روزانو هزارن مدارس بنام "مدرسة المدينہ (بالغات) بہ لڳايا ويندا آهن، جن ۾ اسلامي ڀينرون قرآنِ پاڪ، نماز ۽ سنتن جي مفت تعليم پائن ۽ دعائون ياد ڪنديون آهن. قرآنِ ڪريم سکڻ ۽ سيکارڻ وارين ٻئي خوش قسمت آهن تہ نبي مڪرم، نور مجسم، رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ معظم آهي: " خَيْرُكُمْ مَنْ تَعَلَّمَ الْقُرْاٰنَ وَعَلَّمَهٗ " يعني توهان مان بهترين شخص اهو آهي جنهن قرآن سکيو ۽ ٻين ڪي سيکاريو. (بخاری،۳ /۴۱۰، حديث: ۵۰۲۷) اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ برائين ۾ مبتلا خواتين جڏهن دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ اسلامي ڀينرن جي صحبت ۾ رهي ڪري مدرسة المدينہ بالغات ۾ قرآنِ ڪريم سکڻ اينديون آهن تہ اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن تي ڪهڙو زبردست مدني رنگ چڙهندو آهي. اچو! ان جي هڪ ايمان افروز جهلڪ ملاحظہ ڪريو ۽ جهومو، جيئن تہ

باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جو تعلق هڪ اهڙي گهراڻي سان هو، جو جنهن ۾ ڇوڪرين ڪي اعلٰي تعليم ڏيارڻ ڪي ترجيع ڏني ويندي هئي ان لاءِ هن ڪي بہ اعلي تعليم ڏيارڻ جي لاءِ پهريان اسڪول ۽ ان ڪان پوءِ ڪالج ۾ داخل ڪرايو ويو، جنهن جي سبب هوءَ موت ڪان پوءِ جي معاملن ڪان غافل ٿي وئي، فڪر آخرت جي شمع ڪجهہ هيئن روشن ٿي تہ جڏهن هوءَ B.S.C ڪري رهئي هئي تہ ان وقت ۾ هڪ ڏينهن دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ان جي پنهنجي ڀيڻ هن ڪي مختصر وقت ۾تجويد ۽ مخارج سان قرآن پاڪ پڙهڻ جي لاءِ مدرسة المدينہ (بالغات) ۾ داخلا وٺڻ جي

www.dawateislami.net

دعوت پيش ڪئي، هن پنهنجي پيڻ جي دعوت تي لبيڪ چوندي علم دين جي نور سان منوّر ٿيڻ جي لاءِ مدرسة المدينہ (بالغات) ۾ وڃڻ شروع ڪري ڇڏيو، پر عصري علوم کي حاصل ڪرڻ جي سبب مدرسي ۾ پابندي سان حاضر نہ ٿي سگهندي هئي پر جڏهن بہ ان کي مدرسي ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ٿيندي هئي تہ پڑهائڻ واري اسلامي ڀيڻ نهايت محبت ۽ شفقت فرمائيندي ان کي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ ۽ وڌيڪ علم دين حاصل ڪرڻ جي ترغيب ڏياريندي هئي، ايئن آهستہ آهستہ دل تي ڇايل غفلت دور ٿيڻ لڳي ۽ علم دين جا فضائل ٻڌي ڪري علم دين حاصل ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿيو، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ انهيءَ جذبي جي ڪري ٿيڻ واري شريعت ڪورس سان فيضياب ٿيڻ جي لاءِ جامعة المدينہ (للبنات) ۾ داخلا وني ڇڏي. شروع ۾ هيءَ جامعہ بہ پڑهڻ ويندي ۽ ان کان پوءِ ايم فل (M.PHILL) جي تياري بہ ڪندي هئي، ايئن ئي 6 مهينا گزري ويا، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان مختصر شريعت ڪورس ۾ ان کي گهڻو ڪجهہ سکڻ لاءِ مليو، عبادت جو ذوق نصيب ٿيو، فاني دنيا جي حقيقت جي خبر پئي ۽ ايئن هوءَ مدني ماحول سان وابستہ ٿي وئي انهيءَ دوران ان کي هڪ وڏي اسڪول ۾ هڪ اهم مَضمون پڑهائڻ جي لاءِ چيو ويو، پر شريعت ڪورس جي برڪت سان ان جي دل ۾ اهڙي فڪر آخرت جاڳي چڪي هئي جو هن ان کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ انهيءَ شريعت ڪورس جي برڪت سان درس نظامي (عالمہ) ڪورس ڪرڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي جامعة المدينہ (للبنات) ۾ داخلا ورتيءِ وڏي ذوق ۽ شوق سان علم دين حاصل ڪرڻ ۾ مشغول ٿي وئي، دعوت اسلامي جي تحت ٿيڻ واري اسلامي ڀينرن جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ ٻين مدني ڪمن ۾ وڌي ڪري حصو وٺڻ ان جي عادت ۾ شامل ٿي ويو، اجتماع ۾ ٿيڻ وارا سنتن ڀريا بيان ٻڌي ان جي دل ۾ خوف خدا ۽ عشق مصطفٰي جاڳي پيو درود پاڪ پڑهڻ ان جو معمول بڻجي ويو، دل ۾ ديدار مصطفٰي جي تڑپ پيدا ٿي وئي، دعوت اسلامي وارين جي صحبت جي برڪت سان مديني جي يادين ۾ گم رهڻ لڳي سوچ ۽ فڪر ۾ سنا خيال رهڻ لڳا ان جي خوش قسمتي جو

www.dawateislami.net

هڪ ڏينهن جڏهن هو ستي ته ان جي قسمت جو ستارو چمڪي پيو، متي جون اکيون ڇا بند ٿيون دل جو اکيون روشن ٿي ويون، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان کي خواب ۾ مديني واري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت جو شرف حاصل ٿيو، ان مبارڪ ۽ رحمت ڀري خواب کان پوءِ ان ٻين تمام مصروفيات کي ختم ڪري پنهنجو پاڻ کي خدمت دين جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو ۽ بيان ڏيڻ وقت اسلامي ڀينرن جي عالمي مجلسِ مشاورت جي رڪن هجڻ جي حيثيت سان سنتن جي تبليغ ڪري رهيون آهن، الله عَزَّوَجَلَّ کان دعا آهي ته رب ڪريم ان کي پنهنجي ان ذميداري جو حق ادا ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ان جي بي حساب مغفرت فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اِسی ماحول نے ادنیٰ کو اعلیٰ کردیا دیکھو
اندھیرا ہی اندھیرا تھا اُجالا کردیا دیکھو

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بُري صحبت ۾ چاهي وڏي مبُتلا هجي يا ننڍي ان کي نُقصان ضرور پهچندو آهي، پر وڏن جي مُقابلي ۾ ٻارن جي حق ۾ بُري صحبت انتهائي خطرناڪ ثابت ٿيندي آهي ڇوته انهن کي ننڍي عُمر ۾ بُري ڀلي جي تميز ناهي هوندي، جيڪڏهن ننڍپڻ کان ئي انهن جي مدني تربيت نه ڪئي وڃي ته اهي وڏا ٿي آواره، ضِدّي، وياج خور، رِشوت خور، بدمذهب، بي نمازي، جُواري، شرابي، بي حيا، فيشن پرست، فلمن ۽ ڊرامن جا شيدائي، ماءُ پيءُ جا نافرمان ۽ خبر ناهي ڪهڙين ڪهڙين بُرين خصلتن جا عادي بڻجي ويندا آهن، والدين ۽ خاندان جو نالو بدنام ڪندا آهن. تنهنڪري والدين کي گهرجي ته هو پنهنجن ٻارن جي بهتر تعليم سان گڏوگڏ مدني تَربِيت جي لاءِ به وقت ڪڍن ۽ وقت بوقت انهن کي چڱي صحبت جا فائدا ۽ بُرن دوستن جي صحبت جا نُقصان ٻڌائي انهن جي دنيا ۽ آخرت سنوارڻ ۽ انهن کي مُعاشري جو مُعزز فرد بڻائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪريون. جيئن ته هڪ سمجهدار پيءُ کي جڏهن پنهنجي اولاد جي بُري صحبت ۾ مبتلا هئڻ جو

www.dawateislami.net

علم ٿيو تہ ان لاپرواهي جو مُظاهرو ڪرڻ بدران ان کي ڪھڙي طرح سمجھائڻ جي ڪوشش ڪئي. اچو! هن باري ۾ هڪ حڪايت ٻڌو ۽ نصيحت جا مدني گل چُوندي عمل جي ڪوشش بہ ڪريو.

## بُري صحبت جواثر

نيڪ گهراڻي جو هڪ مَدَني مُنّو بُرن دوستن جي صحبت ۾ اُٿڻ ويھڻ لڳو، ان جي والد صاحب کي اها ڳالھ خبر پئي تہ انهن ان کي سمجھايو تہ بُرن جي صحبت توهان کي بہ ڪٿي بُرو نہ بڻائي. ان هي چئي ڪري ٽاري ڇڏيو تہ بابا! اوهان فڪر نہ ڪريو مان انهن جهڙو نہ ٿيندس، والد محترم پنهنجي پٽ کي عملي طور تي سمجھائڻ جو ارادو ڪيو ۽ هڪ ڏينهن گهر ۾ ڪوڙ سارا آلو بخارا (Prunes) وٺي آيا، ان مان ڪجھ آلوبخارا گهر وارن کاڌا، جڏهن باقي آلو بخارا رکڻ لڳا تہ پٽ چيائين: بابا! ان ۾ هڪ ڳريل سڙيل آلوبخارو بہ آهي ان کي ڪڍي ڇڏيو، والد صاحب چيائين: هينئر رهڻ ڏيو، سڀاڻي ڏسنداسين. ٻئي ڏينهن جڏهن پيءُ پٽ آلو بخارا ڏٺا تہ سڙيل آلو بخاري جي قريب وارا آلو بخارا بہ خراب ٿي چڪا هئا. هاڻي والد صاحب پٽ کي سمجھايو: ڏس پٽ! صحبت جو ڪيترو اثر ٿيندو آهي! هڪ خراب ٿيل آلو بخاري جي صحبت سان ٻيا سنا آلو بخارا بہ خراب ٿي ويا! مدني مُنّي جي سمجھ ۾ اچي ويو ۽ ان بُرن دوستن جي صحبت ۾ ويھڻ کان توبہ ڪئي. (دودھ پيتا مدني منا،ص۲۷ بتغير قليل)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اوهان ڏٺو تہ هڪ عقلمند پيءُ پنهنجي مدني مُنّي کي بُري صحبت کان روڪڻ جو ڪھڙو پيارو طريقو اختيار ڪيائون جو ان هڪ ننڍڙي ذِهن جي مُطابق عام مثال جي ذريعي ان کي بُري صحبت جي نُقصان کان آگاھ ڪيو تہ پٽ بہ آساني سان پنهنجي پيءُ جي ڳالھ هي سوچي قبول ڪئي تہ جهڙي طرح انهن ڳريل سڙيل آلو بخارن جي وچ ۾ رهي سنا آلو بخارا بہ خراب ٿي ويا تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو بُرن دوستن جي صحبت جي نحوست سبب مان بہ انهن جهڙو ٿي وڃان! غور ڪريو تہ هڪ طرف تہ اهڙن خوش نصيب والدين جو شاندار ڪردار اسان جي سامهون آهي

جڏهن تہ ٻي پاسي اسان جي معاشري ۾ اهڙا نادان بہ آهن جيڪي پنهنجي اولاد کي سني صحبت ۾ ويهڻ جي ترغيب ڏيارڻ تہ رهيو پري، سني صحبت ۾ ويهڻ کان ئي روڪن ٿا، پوءِ ڪڏهن ڪڏهن اهو اولاد جڏهن بُري صحبت جو شڪار ٿي بگڙي ويندو آهي تہ والدين پنهنجي  ڪرڻ تي افسوس ڪندي پڇتائيندا آهن پر (اردو چوڻي مطابق) ”اب پچھتائے کیا ھوت جب چِڑیاں چُگ گئیں  کھیت۔“ تنهنڪري پوءِ لک ڪوشش جي باوجود بہ اهڙو اولاد سڌي واٽ تي ناهي ايندو، جيئن

## مَدَني قافِلي کان روڪڻ جو نقصان

شيخِ طريقت،اميرِ اَهلسُنّت،باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا ابُو بلال محّمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي تصنيف ”فيضانِ سنت“ جي صفحي نمبر 61 تي فرمائن ٿا تہ

مدينةُ الْاَولياء احمد آباد شريف (هند) جي هڪ عاشقِ رسول هڪ نوجوان تي انفرادي ڪوشش ڪري ان کي مدني قافلي ۾ سفر لاءِ تيار ڪيو، پر سندس والد صاحب دنياوي تعليم ۾ رڪاوٽ جي خوف کان آخرت جي تعليم جي سفر کان روڪي ڇڏيو. ويچاري کي عاشقانِ رسول جي صحبت ملندي ملندي رهجي وئي. نتيجي طور هو بُرن دوستن جي صحبت ۾ اچي ويو ۽ شرابي بڻجي ويو. هاڻي ان جي والد کي غلطيءَ جو احساس ٿيو، هُن انهيءَ عاشقِ رسول کي گذارش ڪئي تہ ”هن کي قافلي ۾ وني وجو تہ جيئن هن کان شراب جي عادت ڇڏائجي وڃي.“ ان نوجوان تي ٻيهر انفرادي ڪوشش ڪئي وئي پر جيئن تہ معاملو هٿن مان نڪري چُڪو هو يعني ويچارو تمام گهڻو بگڙي چُڪو هو، تنهنڪري ڪنهن بہ صورت ۾ مدني قافلي ۾ سفر لاءِ تيار نہ ٿيو.

اهڙي طرح شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي سندن وڏي ڀيڻ ٻڌايو تہ هڪ اسلامي ڀيڻ روئي روئي ڪري دعا لاءِ چيو آهي تہ منهنجي پٽ جي اصلاح لاءِ دعا ڪيو، هاءِ! هاءِ! مون پاڻ ئي ان کي برباد ڪيو آهي. ان کي

www.dawateislami.net

**دعوتِ اسلامي** جي مدرسة المدينه ۾حافظ ٿيڻ لاءِ داخل ته ڪرايم پر ويچارو جيڪي سنّتون وغيره سکي ڪري گهر ۾ اچي بيان ڪندو هيو ته مٿس ٺوڪون ڪندا هئاسين. آخرڪار سندس دل ٽُٽي پئي ۽ ان مدرسة المدينه ۾ وڃڻ ڇڏي ڏنو، هاڻي بُرن دوستن جي صحبت ۾ رهي رولو ٿي ويو آهي، اتفاق سان مون کي هاڻي دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول ملي ويو آهي هاڻي مان سخت پڇتائي رهي آهيان ته افسوس! منهنجو ڇا ٿيندو!

صُحبتِ صالِح تُرا صالِح کُنَند        صُحبتِ طالِح تُرا طالِح کُنَند

(يعني چڱن جي صحبت توکي چڱو بڻائيندي)        (۽ بُرن جي صحبت توکي بُرو بڻائيندي)

## ڪتاب ”اچھے ماحول کی برکتیں“ جو تعارف

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ڏٺو اوهان ته جيڪي والدين پنهنجن ٻارن کي چڱي صحبت جي برڪتن کان محروم رکن ٿا ته نيٺ انهن کي پنهنجي ڪرڻ تي ڪيتري قدر حسرت ۽ شرمساري ڪرڻي پوندي آهي، جيڪڏهن والدين پنهنجي پاڻ کي مدني ماحول سان وابسته رکن ۽ پنهنجن ٻارن جي مدني تَربِيت ڪن ته اهو اولاد نه صرف دُنيا ۾ انهن جي اکين جي ٿڌاڻ بڻجندو بلڪ آخرت ۾ نجات جو ذريعو به بڻجي سگهي ٿو. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مڪتبة المدينہ چڱي صحبتن جو فيضان عام ڪرڻ ۽ بُرين صحبتن جي وبال کان اُمّت کي بچائڻ جي لاءِ 50 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”اچھے ماحول کي برکتیں“ شائع ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ آياتِ مبارڪ ۽ احاديثِ طيبہ ۽ بُزرگانِ دِين جي اقوال جي روشني ۾ چڱي، بُري ماحول جي سڃاڻپ، سٺي ماحول جا فائدا ۽ بُري ماحول جا نُقصان بيان ڪيا ويا آهن. مڪتبةُ المدينہ تان هن ڪتاب کي هديةً حاصل ڪري پاڻ به ان جو مُطالَعو (Study) ڪريو ۽ ٻين کي به پڙهڻ جي ترغيب ڏياريو. ان ڪتاب کي دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان پڙهي به سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ

www.dawateislami.net

آؤٹ(Print Out) بہ ڪري سگھجي ٿو .

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! تِر کي جيڪڏھن گلاب جي گلن ۾ رکيو وڃي تہ ان جي صُحبت ۾ رَھي اھو بہ گلابي ٿي ويندو آھي، اھڙي طرح سٺي صحبت ۾ اُٿڻ ويھڻ واريون بہ ڏينھو ڏينھن ان جي رنگ ۾ رنگجي ويندي‌ون آھن. جيڪي خُوش نصيب اسلامي ڀينرون خوفِ خدا ۽ عشقِ مُصطَفٰي جي لازوال دولت سان مالا مال ھجن، محبتِ صحابہ ۽ اھلبيت جي دولت سان سرشار ھجن، مٺي ڪان پيرن تائين سُنّتن جي ھلندڙ ڦرندڙ تصوير ھجن، جن جي صحبت جي برڪت سان عمل جو جذبو وڌندو ھجي، گناھن ڪان نفرت ۽ فڪرِ آخرت نصيب ٿيندي ھجي تہ اھڙين اسلامي ڀينرن جو فيضان حاصل ڪرڻ واري ڀلا ڪھڙي طرح برڪتن ڪان محروم رھجي سگھي ٿو.

حضرت سَيدُنا مصلح الدِّين سعدي شيرازي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه سٺي صحبت جي اھميت کي نھايت خوب صورت انداز ۾ بيان فرمايو آھي جيئن پاڻ ”گلستانِ سعدي“ ۾ فرمائن ٿا، جنھن جو ترجمو ڪجھ ھيئن آھي:يعني ھڪ ڏينھن خوشبو واري مٽي غسل خاني ۾ مون کي ھڪ دوست جي ھٿن مان ملي، مون ان مٽي کي چيو تہ تون مُشڪ آھين يا عنبر! تنھنجي دلڪش خوشبو مون کي مَست ۽ حيران ڪري ڇڏيو آھي (ھي بڌي مٽي چيو) مان تہ حقير (يعني ادنيٰ) مٽي ھئس پر ھڪ عرصي تائين مان گُلن جي صحبت ۾ رھيس بس گلن جي صحبت جو مون ۾ اثر ٿيو (تہ مان خوشبودار ٿي ويس) نہ تہ مان تہ اھا ئي خاڪ ۽ مٽي آھيان جيڪا پھريان ھيس. (گلستان سَعدي ص۴)

## سٺي صحبت جون برڪتون

www.dawateislami.net

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! جيتري قدر ممڪن هجي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته اسلامي ڀينرون جي صحبت ڪان وابسته رهو ڇوته سٺي صحبت انسان ته انسان جيڪڏهن ڪنهن جانور کي به نصيب ٿي وڃي ته پوءِ اهو عام جانور نٿو رهي بلڪ سٺي صحبت ۽ نسبت جي برڪت سان ان جي شان ۽ شوڪت ۽ اهميت و رِفعت ڪيترا ئي درجا وڌي ويندي آهي، جيئن اَصحابِ ڪهف رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡھُم جي ڪتّي کي ئي ڏسو جو اڳ ۾ هڪ عام ڪتّو هو پر ان کي اَصحابِ ڪهف رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡھُم سان محبت ۽ اُلفت ٿي تنهنڪري هو ان الله وارن جي مَحَبَّت ۾ انهن جو رفيق، شريڪ سفر ۽ محافظ بڻجي ويو، اولياءِ ڪرام رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيۡھِم اَجۡمَعِیۡن جي صحبت جون برڪتون ته ڇا نصيب ٿيون، ان جي ته قسمت ئي چمڪي پئي ۽ ان جو مقام ۽ رتبو ايترو بلند ٿيو جو ربّ ذُوالجلال عَزَّوَجَلَّ پنهنجي پاڪيزه ڪلام قرآنِ ڪريم ۾ پنهنجي مقبول ٻانهن يعني اصحابِ ڪهف رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡھُم سان گڏ انهن جو به ذڪر ڪيو آهي، جيئن سيپارو 15سُوْرَۃُ الْكهف جي آيت نمبر 18 ۾ ارشادِ خداوندي آهي:

وَكَلْبُهُمْ بَاسِطٌ ذِرَاعَيْهِ بِالْوَصِيْدِ ؕ
(پ۱۵،الكهف:۱۸)

**ترجمو ڪنز الايمان:** ۽ سندن ڪُتو به پنهنجُون ڪَرايُون پکيڙِيندڙ آهي غار جِي چائنُٺ تي

حضرت سَيدُنا اِمام ابو عبدُالله محمد بن اَحمد قرطبي رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: جڏهن نيڪ ٻانهن ۽ اولياءِ ڪرام عَلَيۡهِم رَحۡمَۃُ اللہ السَّلام جي صحبت ۾ رهڻ جي برڪت سان هڪ ڪتّي ايترو بلند رتبو ماڻيو جو الله تعاليٰ ان جو ذڪرِ خير قرآنِ پاڪ ۾ فرمايو ته ان مسلمان جي باري ۾ توهان جو ڇا خيال آهي جيڪو اولياءِ ڪرام ۽ نيڪ ٻانهن سان مَحَبَّت ڪرڻ وارو ۽ انهن جي صحبت ڪان فيضياب ٿيڻ وارو آهي بلڪ ان آيت ۾ انهن مسلمانن جي لاءِ تسلّي آهي جيڪي ڪنهن بلند مقام تي فائز نه آهن. (تفسير قرطبی، پ۱۵،الكهف، تحت الآية: ۱۸، الجزء۱۰، ۲۶۹/۵) يعني انهن جي لاءِ تسلّي آهي ته هو پنهنجي ان محبت ۽ عقيدت جي ڪري الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ ڪامياب ٿيندا. (صِراطُ الجِنان،پ۱۵،الكهف،تحت الآية:۱۸، ۵۵۰/۵)

## مدني چينل

www.dawateislami.net

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اوهان ٻڌو تہ انسان هجي يا جانور سٺي صحبت سان فيضياب ٿيڻ وارو ڪو بہ محروم ناهي رهندو بلڪ ان تي ربّ عَزَّوَجَلَّ جو خاص فضل ۽ احسان ٿيندو آهي ۽ ان جو ٻيڙو پار ٿي ويندو آهي. هن پُرفتن دَور ۾ سٺي صحبت ماڻڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جو مشڪبار مدني ماحول آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان مدني ماحول جي برڪت سان تمام گهڻين اسلامي ڀينرن جي اصلاح جو سامان ٿي چڪو آهي ۽ توبہ ڪان پوءِ ان مدني مقصد جي تحت زندگي گذاري رهيا آهن "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ تنهنڪري اسان سڀئي بہ هن مدني مقصد تي عمل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن ۾ وڌ ڪان وڌ حصو ونون. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ خدمتِ دين جي 104 شعبن ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي، انهن مان هڪ شعبو "مدني چينل" بہ آهي. اڄوڪي دور ۾ ميڊيا ذهن ناهڻ ۽ ڪردار ٺاهڻ ۾ هڪ فائدي مند هٿيار جو ڪم ڪري رهيو آهي، ڪيئي ماڻهو ان جو غلط استعمال (Misuse) ڪرڻ لڳا آهن، جنهن جي ڪري خاص ڪري نوجوان نسل انهن بُرن اثرن ۽ فڪرن جي وڪوڙ ۾ اچي پيو .

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ۽ دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ وڏي شدّت سان محسوس ڪيو تہ مسلمانن جي گهرن مان T.V ڪڍائڻ گهڻو ڪري ناممڪن آهي، بس هڪ ئي صورت نظر آئي ۽ اها هي تہ جهڙي طرح دريا ۾ ٻوڏ ايندي آهي تہ ان جو رخ فصلن وغيره جي طرف موڙيو ويندو آهي تہ جيئن فصل بہ سيراب ٿين ۽ آبادين کي بہ تباهي ڪان بچائي سگهجي بلڪل انهيءَ طرح T.V ئي جي ذريعي مسلمانن جي گهرن ۾ داخل ٿجي ۽ انهن کي غفلت جي ننڊ مان بيدار ڪيو وڃي، جڏهن هن شعبي جي باري ۾ معلومات حاصل ڪئي وئي تہ خبر پئي تہ پنهنجو T.V چينل کولي، فلمن ڊرامن، ڳائڻ وڄائڻ، موسيقي جي ڌُنن ۽ عورتن جي نمائش ڪان بچندي 100 فيصد اسلامي مواد فراهم ڪرڻ ممڪن آهي تہ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شُورٰي خوب جدوجهد

www.dawateislami.net

ڪري رمضانُ المبارڪ 1429ھ سيپٽمبر (2008) کان مدني چينل جي ذريعي گهر گهر سنّتن جو پيغام عام ڪرڻ شروع ڪري ڏنو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ان جا حيرت انگيز مدني نتيجا سامهون اچڻ لڳا.

مَدَنی چینل کی مُہِم ہے نفس و شیطاں کے خلاف     جو بھی دیکھے گا کرے گا اِنْ شَآءَ اللّٰہ اِعتراف
نَفْسِ اَمّارہ پہ ضَرب ایسی لگے گی زور دار     شرمِ عصیاں کے سبب ہوگا گنہگار اَشکبار

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! مدني چينل جي برڪتن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ اوهان ﺑﻪ پنهنجي گهروارن، رشتيدارن ۽ دوستن کي مدني چينل تي مدني مذاڪرو ڏسڻ جي ترغيب ڏياريو، گناهن ڀريا چينل ڏسڻ سان پاڻ ﺑﻪ بچو ۽ ٻين کي ﺑﻪ بچايو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني چينل تي معاشري ۾ موجود انهن تمام بُرائين جي نشاندهي ڪئي ويندي آهي جيڪي دُنياوي نُقصان سان گڏوگڏ بروزِ قيامت ۾ ﺑﻪ ذِلّت ۽ رُسوائي جو سبب بڻجنديون آهن. اسان ﺑﻪ نِيت ڪيون ٿيون ﺗﻪ اڄ کان پوءِ گناهن ڀريا چينل ﻧﻪ ڏسنداسين ۽ ﻧﻪ گُناهن جي قريب وينداسين بلڪ خالص الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا ۽ خُوشنودي جي لاءِ خوب خوب نيڪيون ڪنداسين.

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي پنهنجي نِيت تي ثابت قدم رهندي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!     صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اڄ جي بيان ۾ اسان ٻڌو ﺗﻪ

- بُري صحبت ۾ ويهڻ وارو معاشري ۾ نشانِ عبرت بڻجي ويندو آهي،
- بُري صحبت ۾ ويهڻ سان هميشه نقصان ئي ڪٽڻو پوندو آهي.
- بدمذهبن جي صحبت ايمان جي لاءِ زهرِ قاتل آهي.

www.dawateislami.net

❖ جڏهن تہ چڱن جي صحبت ۾ دنيا ۽ آخرت جي بهتري آهي

❖ والدين کي گهرجي تہ اهي پنهنجي اولاد کي بري صحبت کان بچڻ جا نقصانات کان آگاهہ ڪن.

❖ نيڪ ماڻهن جي صحبت جي برڪت سان انسان تہ انسان جانور بہ محروم نٿا رهن.

الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجن نيڪ ٻانهن جي صدقي اسان کي بہ سٺي صحبت نصيب فرمائي ۽ بُري صحبت کان بچندي ڀين اسلامي ڀينرن کي بچائڻ جي سعادت نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِی الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿي، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڳالهہ ٻولهہ جون سنتون ۽ آداب

آئيے! شيخ طريقت، امير اهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي "101 مَدَنِي گل" سان ڳالهہ ٻول ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا:

❀ مسڪرائي ۽ خوش اخلاقيءَ سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ سنّت آهي ❀ مسلمانن جي دلجوئي جي نيّت سان ننڍن سان شفقت وارو ۽ وڏن سان ادب وارو لهجو اختيار ڪيو. ❀ وڏي آواز سان ڳالهائڻ کان بيحد احتياط ڪريو ❀ چاهي هڪ ڏينهن جو ٻار هجي سٺين سٺين نيتن سان ان سان بہ اوهان توهان سان گفتگو

ڪرڻ جي عادت بڻايو، اوهان جا اخلاق بہ اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ **عمدا ٿيندا ۽ ٻار بہ آدب سکندو** ❀ ڳالھ ٻولھ ڪرڻ وقت پردي جي جاءِ تي هٿ لڳائڻ، آڱرين سان بدن تان مير لاهڻ، ٻين جي سامهون بار بار نڪ کي هٿ لڳائڻ، يا نڪ يا ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ٿُڪ اڇلائڻ سٺي ڳالھ ناهي❀ جيستائين ٻيو ڳالهائي رهيو هجي تہ اطمينان سان ٻُڌو، ان جي ڳالھ ڪٽڻ کان بچو ۽ ڳالھ ٻولھ دوران ٽهڪ ڏيڻ سنت نہ آهي ❀ ڳالهائڻ وقت هميشہ ياد رکو گهٽيون ڳالهيون ڪرڻ سان رعب ختم ٿي ويندو آهي❀ ڪنهن سان ڳالھ ٻولھ ڪجي تہ ان جو ڪو صحيح مقصد بہ هئڻ گهرجي ۽ هميشہ مخاطب جي ظرف ۽ ان جي نفسيات جي مطابق ڳالھ ڪئي وڃي ❀ بدزباني ۽ بي حيائي جي ڳالهين کان هر وقت پرهيز ڪريو، گارگند کان بچندا رهو ۽ ياد رکو تہ ڪنهن مسلمان کي بنا اجازتِ شرعي گار ڏيڻ حرامِ قطعي آهي. (فتاوٰی رضویہ ، ۱۲۷/۲۱) ۽ بي حيائي جي ڳالھ ڪرڻ واري تي جنّت حرام آهي. تاجدار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”اُن شخص تي جنت حرام آهي جيڪو فُحش گوئي (بي حيائي جي ڳالھ) کان ڪم وٺي ٿو.“ (کتابُ الصَّمْت مع موسوعۃالامام ابن ابی الدنیا، ۲۰۴/۷ حدیث: ۳۲۵)

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب”**سنتيں ۽ آداب**“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو.

مجھ کو جذبہ دے سفر کا کرتا رہوں پروردگار سنتوں کی تربیت کے قافلے میں بار بار

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net